SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1991

SINDH ACT NO.VI OF 1991

سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) ايڪٽ، 1991

THE SINDH SERVICES TRIBUNALS (AMENDMENT) ACT, 1991

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعا 3_B، 3_C، 3_D جي شموليت
Insertion of Section 3_B, 3_C, 3_D of Sindh Act XV of 1973

4. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act XV of 1973

5. 1991 جي سنڌ آرڊيننس II جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance II of 1991

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1991

SINDH ACT NO.VI OF 1991

سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) ايڪٽ، 1991

THE SINDH SERVICES TRIBUNALS (AMENDMENT) ACT, 1991

[13 جون 1991]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act XV of 1973

2. سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 جي شق (c) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کان اڳ، لفظ ۽ انگ "يا دفعه 3_B" شامل ڪيا ويندا.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعا

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 3_A کانپوءِ، هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون ويندیون:

3_B، 3_C، 3_D جي شموليت

Insertion of Section 3_B, 3_C, 3_D of Sindh Act XV of 1973

"3_B. (ماتحت عدالتن جي ميمبرن لاءِ ٽربيونل) جيستائين ڪجهه دفعه 3 جي متضاد نه هجي، هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ جي ٽن ججز تي ٻڌل ٽربيونل جوڙي سگهي ٿو جن مان وڏيڪ سينئر چيئرمين هوندو ۽ ٻيا ٻه ججز ٽربيونل جي ميمبر طور ڪم ڪندا ۽ اهڙيءَ ريت جوڙيل ٽربيونل کي ماتحت عدالتن جي ميمبرز جي خدمتن جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل معاملن بشمول انتظامي معاملن جي مڪمل دائره اختيار هوندو."

"3_C. (ذيلي دفعه 3_B تحت دفعه 3_A ٽربيونل تي لاڳو نه ٿيندو) دفعه 3_B تحت جوڙيل ٽربيونل تي دفعه 3_A ۾ شامل ڪجهه به لاڳو نه ٿيندو."

"3_B. (التوي هيٺ ڪيسن جي منتقلي) ماتحت عدالتن جي ميمبرز جي خدمتن جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل سمورا معاملا جيڪي دفعه 3 ۾ ڄاڻايل ٽربيونل وٽ التوي هيٺ هجن، اهي سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991 جي فوري طور لاڳو ٿيڻ کانپوءِ دفعه 3_B تحت قائم ڪيل ٽربيونل ڏانهن منتقل ٿي ويندا."

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act XV of 1973

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 8 جي ذيلي دفعه (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ دفعه 3_B تحت قائم ڪيل ٽربيونل جي سلسلي ۾ قاعدا هاءِ ڪورٽ جي مشاورت سان جوڙيا ويندا."

1991 جي سنڌ

5. سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991 کي

منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	آرڊيننس II جي منسوخي Repeal of Sindh Ordinance II of 1991

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.